SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII مجريه 1974

# SINDH ACT NO.XIII OF 1974

# سنڌ ماليات ايڪٽ، 1974

# THE SINDH FINANCE ACT, 1974

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات

Sections

1. مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات
Short Title, extent and commencement

2. وصفون
Definitions

3. 1870 جي ايڪٽ VII جي ترميم
Amendment of Act VII of 1870

4. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ V جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act V of 1958

5. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ X جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act X of 1958

6. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act X of 1958

7. 1965 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ I جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act I of 1965

8. سول ڪورٽس ۾ ڪيسن تي پابندي
Bar of suits in Civil Courts

پهريون شيڊول

[ڏسو دفعہ 3 (C) ]

شيڊول I

ايڊ ويلورم فيس

FIRST SCHEDULE

[See Section 3(C)]

SCHEDULE I

AD VALOREM FEES

ٻيو شيڊول

[ڏسو دفعہ 3 (C) ]

فڪسڊ فيس

SECOND SCHEDULE

[See Section 3(C)]

FIXED FEES

ٽيون شيڊول

[ڏسو دفعہ 6]

“شيڊول

[ڏسو دفعہ 3 ]

THIRD SCHEDULE

[See Section 6]

SCHEDULE

[See Section 3]

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII مجريہ 1974
# SINDH ACT NO.XIII OF 1974
# سنڌ ماليات ايڪٽ، 1974
# THE SINDH FINANCE ACT, 1974

[29 جون 1974]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي اندر ڪجھ ٽيڪسون ۽ ڊيوٽيز ترتيب ڏنيون، لڳايون ۽ وڌايون وينديون.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي اندر ڪجھ ٽيڪسون ۽ ڊيوٽيز ترتيب ڏيڻ، لڳائڻ ۽ وڌائڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات
Short Title, extent and commencement

1.(1)هن ايڪٽ کي سنڌ ماليات ايڪٽ، 1974 سڏيو ويندو.

(2)اهو پهرين جولاءِ 1974 تي ۽ ان کانپوءِ لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت.

1870 جي ايڪٽ VII جي ترميم
Amendment of Act VII of 1870

3.ڪورٽ فيس ايڪٽ، 1870 ۾، ان جي سنڌ صوبي اندر نفاذ ۾:

(a)دفعہ 7 ۾:

(i)شق iv کانپوءِ، هيٺين شق iv_a طور شامل ڪئي ويندي:

"iv_a. جيستائين ڪجهه شق iv ۾ شامل نہ هجي، ڊڪليميٽري ڪري لاءِ مقدمن ۾ ڪانسيڪونشل رليف سان گڏ يا ڪانسواءِ جيئن حق هجي، يا غير متحرڪ ملڪيت ڪي عنوان هجي، جيڪا تڪراري وڪري، تحفي، متا ستا يا ان سلسلي ۾ ضبطگي تي مشتمل هجي، ان سلسلي ۾:

ملڪيت جي ملهہ موجب:"؛

(ii)موجود شق v لاءِ، هيٺين شق متبادل بڻائي ويندي:

"v. زمين، گهر يا باغ جي قبضي لاءِ مقدمن ۾:

جاٽايل معاملي جي ملهہ ۽ زمين، گهر جا باغ جي مارڪيٽ اگهہ موجب اهڙي قيمت سمجهي ويندي"؛

(a)دفعہ A_35 کي ختم ڪيو ويندو؛ ۽

(b)شيڊولز I ۽ II لاءِ، هن ايڪٽ جا پهريون ۽ ٻيو شيڊول متبادل بڻايا ويندا.

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act V of 1958

4.سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾ دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (A_3) هيٺان، هيٺين وضاحت شامل ڪئي ويندي ۽ ان کي ايئن ئي هميشہ شامل ڪيل سمجهيو ويندو:

"وضاحت: هن ذيلي دفعہ جي مقصد لاءِ محاورو "ڍڪيل ايراضي" مطلب ايراضي جيڪا ڪنهن قسم جي ڇت هيٺان هجي بشمول فلورز، بيس مينٽس، ميزنائنز ۽ عمارتن ۾ ڍڪيل بالڪونيز جي ايراضي جي؛

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXXII جي ترميم
Amendment of

5.اولهہ پاڪستان تفريحن تي ڊيوٽي ايڪٽ، 1958 ۾، ان جي سنڌ صوبي ۾ نفاذ ۾، دفعہ 3 ۾، ذيلي دفعہ (1) لاءِ، سواءِ شرطيہ بيان جي، هيٺيون ذيلي دفعہ متبادل ٿيندو:

"(1) ڪنهن بہ تفريح لاءِ داخل ٿيڻ سمورين ادائگين تي هڪ

West Pakistan Act X of 1958

ڊيوٽي لڳائي ۽ حڪومت کي ادا ڪئي ويندي (جنهن کي هن کانپوءِ "تفريحن تي ڊيوٽي" سڏيو ويندو)، جيڪا هيٺين اڳهن تي هوندي:

| | |
|---|---|
| (a)داخلا جي فيس هڪ رپيو ۽ ٻارنهن پئسا کان وڌيڪ نہ هئڻ جي صورت ۾ | اهڙي ادائگيءَ جو پنجاهہ سيڪڙو |
| (b)داخلا جي فيس هڪ رپيو ۽ ٻارنهن پئسا کان وڌيڪ هئڻ جي صورت ۾ | اهڙي ادائگيءَ جو سٺ سيڪڙو |

وضاحت: هن ذيلي دفعہ جي مقصد لاءِ "داخلا جي ادائگي" ۾ شامل آهن ايئر ڪنڊيشننگ چارجز جيڪڏهن ڪي هجن، پر ان ۾ شامل نہ هونديون تفريحي ڊيوٽي ۽ ويلفيئر سيس."

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ X جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act X of 1958

6.اولهہ پاڪستان موٽر گاڏيون ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 ۾، ان جي سنڌ صوبي ۾ نفاذ ۾، شيڊول لاءِ، هن ايڪٽ جو ٽيون شيڊول متبادل هوندو.

1965 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ I جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act I of 1965

7.اولهہ پاڪستان ماليات ايڪٽ، 1965 ۾، ان جي سنڌ صوبي ۾ نفاذ ۾، دفعہ 12 جي ذيلي دفعہ (1) لاءِ، هيٺين ذيلي دفعہ متبادل هوندي:

"(1) پهرين جولاءِ 1974 کان، سمورن فرسٽ ڪلاس يا سيڪنڊ ڪلاس هوٽلن تي هر سال هڪ ٽيڪس لڳائي ۽ وصول ڪئي ويندي، جيڪا مالڪ يا انتظاميا طرفان هيٺين اڳهن تي ادا ڪئي ويندي:

| | |
|---|---|
| i. فرسٽ ڪلاس جو درجو ڏنل هوٽل جي صورت ۾ | رهائش اختيار ڪندڙ هر يونٽ تي 2.50 رپيا ڏهاڙي |
| ii. سيڪنڊ ڪلاس جو درجو ڏنل هوٽل جي صورت ۾ | رهائش اختيار ڪندڙ هر يونٽ تي 1.25 رپيا ڏهاڙي |

بشرطيڪ سنڌ ماليات ايڪٽ، 1974 جي شروعات کان ٽن سالن جي عرصي لاءِ، پهرين جولاءِ 1974 تي يا ان کانپوءِ کليل هوٽل کي ٽيڪس جي ادائگي کان ڇوٽ حاصل هوندي".

سول ڪورٽس ۾ ڪيسن تي پابندي
Bar of suits in Civil Courts

8.هن ايڪٽ تحت ڪنهن ٽيڪس، ڊيوٽي يا في جي اسيسمينٽ، لڳائڻ يا وصول ڪرڻ کي پاسي تي رکڻ يا تبديل ڪرڻ لاءِ ڪنهن سول ڪورٽ ۾ ڪو ڪيس نہ ٿي سگهندو.

پهريون شيڊول
[ڏسو دفعہ 3 (C) ]
شيڊول I
ايڊ ويلورم فيس
FIRST SCHEDULE
[See Section 3 (C)]
SCHEDULE I
AD VALOREM FEES

پهريون شيڊول
[ڏسو دفعہ 3 (C) ]
شيڊول I
ايڊ ويلورم فيس
FIRST SCHEDULE
[See Section 3 (C)]
SCHEDULE I
AD VALOREM FEES

| جريان نمبر | آرٽيڪل | مخصوص في |
|---|---|---|
| 1 | 2 | 3 |
| .1 | شڪايت، معاملو نبيرڻ لاءِ لکت بيان يا ڪائونٽر ڪليم يا اپيل جو يادداشت نامو (جيڪو | تڪرار ۾ جاٽايل معاملي جي قيمت يا ملهہ جي ساڍا |

| | | |
|---|---|---|
| | هن ايڪٽ ڪانسواءِ ڪٿي بيان ڪيل نہ هجي) يا ڪنهن سول يا روينيو ڪورٽ ڪي پيش ڪيل ڪراس آبجيڪشن سواءِ انهن جي جيڪي دفعہ 3 ۾ ڄاڻايل هجن<br>نوٽ: هن نمبر تحت ادا ڪئي ويندڙ رقم لڳ ڀڳ پنجاهہ پئسا هجڻ گهرجي | ست سيڪڙو برابر پر في وڌ ۾ وڌ پندرنهن هزار رپين کان وڌيڪ نہ هجي |
| 2. | اسپيسفڪ رليف ايڪٽ، 1877، دفعہ 9 تحت قبضي لاءِ ڪيس ۾ شڪايت | جريان نمبر 1 ۾ بيان ڪيل رقم جي اڌ برابر في |
| 3. | ججمينٽ جي نظرثاني لاءِ درخواست، جيڪڏهن ڊڪري جي تاريخ کان نوي ڏينهن جي اندر پيش ڪئي وڃي | شڪايت يا اپيل جي يادداشت نامي تي لڳائڻ لائق في |
| 4. | ججمينٽ جي نظرثاني لاءِ درخواست، جيڪڏهن ڊڪري جي تاريخ کان نوي ڏينهن جي اندر پيش ڪئي وڃي | شڪايت يا اپيل جي يادداشت نامي تي لڳائڻ لائق في جي اڌ برابر |
| 5. | ججمينٽ يا آرڊر جو نقل يا ترجمو جنهن تي عمل نہ ٿي رهيو هجي يا لاڳو نہ هجي، ڊڪري:<br>(a)جڏهن اهڙو ججمينٽ يا | هڪ رپيو |

| | | |
|---|---|---|
| | آرڊر ڪنهن سول ڪورٽ طرفان جاري ڪيو ويو آهي، سواءِ هاءِ ڪورٽ جي يا ڪنهن روينيو ڪورٽ يا آفيس جي پرزائيڊنگ آفيسر جي، يا ڪنهن ٻئي جڊيشل يا ايگزيڪيوٽو اٿارٽي جي.<br>(b) جڏهن اهڙو ججمينٽ يا آرڊر هاءِ ڪورٽ طرفان جاري ڪيو ويو هجي. | ٻه رپيا |
| 6. | ڊڪري جو نقل يا ڊڪري جو اختيار رکندڙ آرڊر:<br>(a)جڏهن اهڙي ڊڪري يا آرڊر ڪنهن سول ڪورٽ طرفان ڪيو ويو هجي، سواءِ هاءِ ڪورٽ يا ڪنهن روينيو ڪورٽ جي:<br>(i)جيڪڏهن اهڙي رقم يا ملهه ڪيس جي معاملي جو جنهن بابت اهڙي ڊڪري يا آرڊر ڪيو ويو آهي، پنجاهه رپين کان وڌيڪ نه هجي.<br>(ii)جيڪڏهن اهڙي رقم يا ملهه پنجاهه رپين کان وڌيڪ هجي.<br>(b)جڏهن اهڙي ڊڪري يا آرڊر | هڪ رپيو<br><br><br><br><br>ٻه رپيا<br><br>پنج رپيا |

| | | |
|---|---|---|
| | هاءِ ڪورٽ طرفان ڪيو ويو هجي. | |
| 7. | استيمپ ايڪٽ، 1899 تحت استيمپ ڊيوٽي لڳائڻ لائق ڪنهن دستاويز جو نقل، جڏهن ڪنهن ڌر طرفان مقدمي يا ڪارروائي ۾ چڏيو ويو هجي، اصل ڪيرائڻ جي جڳهه تي:<br>(a)جڏهن اصل تي لڳائڻ لائق استيمپ ڊيوٽي پنجاهه پئسا کان وڌيڪ نه هجي؛<br>(b) ڪنهن ٻئي معاملي ۾ | اصل تي لڳائڻ لائق ڊيوٽي جي رقم<br>هڪ رپيو |
| 8. | ڪنهن روينيو يا جديشل ڪارروائي جو نقل يا آرڊر جيڪو هن ايڪٽ ۾ فراهم نه ڪيو ويو هجي، يا ڪنهن اڪائونٽ، استيٽمينٽ، رپورٽ يا ساڳئي ڪنهن معاملي جو نقل، جيڪو ڪنهن سول يا ڪرمنل يا روينيو ڪورٽ يا آفيس يا ڪنهن چيف آفيسر جنهن کي ڊويزن جي ايگزيڪيوٽو ايڊمنسٽريٽر جي چارج ڏني وئي هجي، ان جي آفيس مان ڪنيو ويو هجي: | |

| | | |
|---|---|---|
| | هر ٽي سئو سٺ لفظن لاءِ يا ٽي سئو سٺ لفظن جي نسبت سان. | پنجاهه پئسا |
| 9. | وصيت لڳايل هئڻ ڪانسواءِ وصيت يا انتظاميا جي خطن جي دستيابي:<br>جيڪڏهن ملڪيت جي رقم يا ملهه جنهن جي سلسلي ۾ وصيت يا خط جي منظوري ڏني وئي آهي هڪ هزار رپين کان وڏي وجي، هڪ هزار رپين کان وڏي وڃڻ واري رقم تي ڏهه هزار رپين تائين.<br>جيڪڏهن ملڪيت جي رقم يا ملهه جنهن جي سلسلي ۾ وصيت يا خط جي منظوري ڏني وئي آهي ڏهه هزار رپين کان وڏي وجي، ڏهه هزار رپين کان وڏي وڃڻ واري رقم تي پنجاهه هزار رپين تائين.<br>جيڪڏهن ملڪيت جي رقم يا ملهه جنهن جي سلسلي ۾ وصيت يا خط جي منظوري ڏني وئي آهي پنجاهه هزار رپين کان وڏي وجي، پنجاهه هزار رپين کان وڏي وڃڻ واري رقم تي | <br><br>اهڙي رقم يا ملهه جو ٻه سيڪڙو<br><br>اهڙي رقم يا ملهه جو ٽي سيڪڙو<br><br>اهڙي رقم يا ملهه جو چار سيڪڙو |

| | | |
|---|---|---|
| | هڪ لک رپين تائين. | |
| | جيڪڏهن ملڪيت جي رقم يا ملهه جنهن جي سلسلي ۾ وصيت يا خط جي منظوري ڏني وئي آهي هڪ لک رپين کان وڌي وڃي، هڪ لک رپين کان وڌي وڃڻ واري رقم تي هڪ لک رپين تائين. | اهڙي رقم يا ملهه جو ساڍا چار سيڪڙو |
| | جيڪڏهن ملڪيت جي رقم يا ملهه جنهن جي سلسلي ۾ وصيت يا خط جي منظوري ڏني وئي آهي ٻه لک رپين کان وڌي وڃي، ٻه لک رپين کان وڌي وڃڻ واري رقم تي ٻه لک پنجاهه هزار رپين تائين. | اهڙي رقم يا ملهه جو پنج سيڪڙو |
| | جيڪڏهن ملڪيت جي رقم يا ملهه جنهن جي سلسلي ۾ وصيت يا خط جي منظوري ڏني وئي آهي ٻه لک پنجاهه هزار رپين کان وڌي وڃي، ٻه لک پنجاهه هزار رپين کان وڌي وڃڻ واري رقم تي ٽي لک رپين تائين. | اهڙي رقم يا ملهه جو ساڍا پنج سيڪڙو |
| | جيڪڏهن ملڪيت جي رقم يا ملهه جنهن جي سلسلي ۾ | اهڙي رقم يا ملهه جو ڇهه سيڪڙو |

| | | |
|---|---|---|
| | وصيت يا خط جي منظوري ڏني وئي آهي تي لک رپين کان وڌي وڃي، تي لک رپين کان وڌي وڃڻ واري رقم تي چار لک رپين تائين. | |
| | جيڪڏهن ملڪيت جي رقم يا ملهه جنهن جي سلسلي ۾ وصيت يا خط جي منظوري ڏني وئي آهي چار لک رپين کان وڌي وڃي، چار لک رپين کان وڌي وڃڻ واري رقم تي پنج لک رپين تائين. | اهڙي رقم يا ملهه جو ساڍا ڇهه سيڪڙو |
| | جيڪڏهن ملڪيت جي رقم يا ملهه جنهن جي سلسلي ۾ وصيت يا خط جي منظوري ڏني وئي آهي پنج لک رپين کان وڌي وڃي، پنج لک رپين کان وڌي وڃڻ واري رقم تي پنج لک رپين کان وڌيڪ تائين. بشرطيڪ جڏهن سڪسيشن ايڪٽ، 1925 تحت سرٽيفڪيٽ جاري ٿيڻ کانپوءِ، ڪنهن اسٽيٽ ۾ شامل ڪنهن ملڪيت جي سلسلي ۾، ساڳي اسٽيٽ جي وصيت جي منظوري | اهڙي رقم يا ملهه جو ست سيڪڙو |

| | | |
|---|---|---|
| | يا ليٽرس آف ايڊمنسٽريشن ڪئي وئي آهي، ليٽر جاري ٿيڻ لاءِ واجب الادا في اڳوٽي گرانٽ جي سلسلي ۾ ادا ڪيل في جي رقم مان ڪاٽي ويندي. نوٽ: هن جريان نمبر تحت واجب الادا رقم لڳ ڀڳ ريين برابر هوندي. | |
| .10 | سڪسيشن ايڪٽ، 1925 جي پارٽ X تحت سرٽيفڪيٽ: | ايڪٽ جي دفعه 374 تحت سرٽيفڪيٽ ۾ بيان ڪيل ڪنهن قرض يا سڪيورٽي جي رقم يا ملهه تي پروبيٽ جو ڪيس (جريان نمبر 9) موجب اوڳاڙي لائق في ءِ هڪ اڌ دفعو اها في ڪنهن قرض يا سڪيورٽي جي رقم يا ملهه تي جنهن جو سرٽيفڪيٽ |

| | | |
|---|---|---|
| | | ايڪٽ جي دفعه 376 موجب وڌايو ويو آهي. |
| | وضاحت 1: هن جريان نمبر جي مقصد لاءِ قرض جي رقم ان جي رقم آهي، بشمول وياج جي، ان ڏينهن تي جنهن ڏينهن قرض جي شموليت سرٽيفڪيٽ ۾ ڏيڪاري وئي آهي، تنهن ڪري اهڙي رقم طئي ڪري سگهجي ٿي.<br>وضاحت 2: سرٽيفڪيٽ ۾ چاٽايل سڪيورٽي جي سلسلي ۾ ڪو اختيار ايڪٽ تحت ڏنو وڃي يا نه ڏنو وڃي، ۽ جتي اهڙو اختيار اهڙيءَ ريت ڏنو ويو آهي پوءِ اهو اختيار وياج يا منافعو حاصل ڪرڻ لاءِ آهي، يا سڪيورٽي جي ڳالهين يا منتقلي لاءِ يا ٻنهي مقصدن لاءِ، سڪيورٽي جو ملھ ان جو مارڪيٽ ملھ آهي ان ڏينهن تي جنهن ڏينهن تي سڪيورٽي سرٽيفڪيٽ ۾ شامل ڪئي وئي آهي، اهڙيءَ ريت ملھ طئي | |

| | | |
|---|---|---|
| | ڪري سگهجي ٿو. | |
| .11 | سنڌ ٽيننسي ايڪٽ، 1950 تحت اپيل يا نظرثاني درخواست:<br>جڏهن تڪرار هيٺ آيل معاملي جي رقم يا ملهه پنجويهه رپين کان وڌيڪ نه هجي.<br>جڏهن اهڙي رقم يا ملهه پنجويهه رپين کان وڌيڪ هجي. | ٻه رپيا<br>اپيل جي يادداشت نامي تي اوڳاڙي لائق في. |
| .12 | ڪوڊ آف سول پروسيجر، 1908 جي دفعه 115 تحت هاءِ ڪورٽ کي نظرثاني جي درخواست:<br>جتي درخواست ڪنهن حڪم جي نظرثاني لاءِ هجي ۽ جاٽايل معاملي جي رقم يا ملهه ٻه هزار رپين کان گهٽ هجي.<br>جتي درخواست ڪنهن حڪم جي نظرثاني لاءِ هجي ۽ جاٽايل معاملي جي رقم يا ملهه ٻه هزار رپيا يا ان کان وڌيڪ هجي.<br>جتي درخواست هڪ اپيليٽ ڊڪري جي نظرثاني لاءِ هجي. | ست رپيا ۽ پنجاهه پئسا<br>پندرهه رپيا<br>اپيل جي يادداشت نامي تي اوڳاڙي لائق في |

| | | | |
|---|---|---|---|
| .13 | 1827 جي سنڌ ريگيوليشن VII تحت سرٽيفڪيٽ: | | |
| | (1)قرض ۽ سڪيورٽيز جي سلسلي ۾. | اوڳاڙي لائق فيس رقم جتي پرويٽ جي صورت ۾ يا ملڪيت جو ملهه جنهن سلسلي ۾ سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويو آهي. | |
| | (2) ٻي ملڪيت جي سلسلي ۾ جنهن لاءِ سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويو هجي: | | |
| | جڏهن اهڙي رقم يا ملهه هڪ هزار رپين کان وڌيڪ هجي، پر ڏهه هزار رپين کان وڌيڪ نه هجي. | اهڙي رقم يا ملهه تي ٻه سيڪڙو | |
| | جڏهن اهڙي رقم يا ملهه ڏهه هزار رپين کان وڌيڪ هجي، پر پنجاهه هزار رپين کان وڌيڪ نه هجي. | اهڙي رقم يا ملهه تي اڍائي سيڪڙو | |
| | جڏهن اهڙي رقم يا ملهه پنجاهه هزار رپين کان وڌيڪ هجي. | اهڙي رقم يا ملهه جو ٽي سيڪڙو | |
| ٻيو شيڊول<br>[ڏسو دفعہ 3 (C) ] | | | |

ٻيو شيڊول
[ڏسو دفعہ 3 (C) ]

فڪسڊ فيس
SECOND SCHEDULE
[See Section 3(C)]
FIXED FEES

فڪسڊ فيس
SECOND SCHEDULE
[See Section 3 (C)]
FIXED FEES

| جريان نمبر | آرٽيڪل | مخصوص في |
|---|---|---|
| 1 | 2 | 3 |
| | درخواست يا پٽيشن: | |
| .1 | (a)جڏهن ڪنهن ڪسٽمس يا ايڪسائيز کاتي جي عملدار کي پيش ڪئي وڃي يا ڪنهن مئجسٽريٽ کي حڪومت سان ڊيلنگز رکندڙ شخص طرفان، ۽ جڏهن اهڙي درخواست جو ذيلي معاملو مڪمل طور اهڙين ڊيلنگز سان لاڳاپيل هجي. يا جڏهن ڪنهن لينڊ روينيو جي عملدار کي حڪومت سان سڏيءَ ريت لهه وچڙ تحت عارضي نبيريل زمين رکندڙ شخص طرفان پيش ڪئي وڃي، ۽ جڏهن درخواست يا پٽيشن جو جاٽايل معاملو مڪمل طور اهڙيءَ لهه وچڙ سان لاڳاپيل هجي: | |

| | | |
|---|---|---|
| | يا جڏهن ڪنهن جڳهه جي حفاظت يا سڌاري لاءِ وقتي طور لاڳو ڪنهن ايڪٽ تحت ڪنهن ميونسپل ڪميٽي کي پيش ڪئي وڃي، جڏهن درخواست يا پٽيشن مڪمل طور اهڙي حفاظت يا سڌاري سان لاڳاپيل هجي؛<br>يا جڏهن اصل دائره اختيار رکندڙ مک سول ڪورٽ ڪانسواءِ ڪنهن سول ڪورٽ ۾ پيش ڪيو وڃي، يا صوبائي ننڍين مقصدن وارين عدالتون ايڪٽ، 1887 تحت جوڙيل ڪنهن ننڍين مقصدن واري ڪورٽ ۾ پيش ڪئي وڃي، يا ڪليڪٽر يا ٻئي روينيو عملدار کي ڪنهن مقدمي يا ڪيس جي سلسلي ۾، جنهن ۾ رقم يا معاملي جو ملهه پنجاهه رپيين کان گهٽ هجي؛<br>يا ڪنهن سول، ڪرمنل يا روينيو ڪورٽ ۾ پيش ڪئي وڃي، يا ڪاپي يا ڪنهن ججمينٽ، ڊڪري يا اهڙي | |

| | | |
|---|---|---|
| | عدالت طرفان پاس ڪيل حڪم جي مقصد لاءِ ڪنهن بورڊ يا ايگزيڪيوٽو آفيسر پيش ڪئي وڃي، بورڊ يا آفيسر، يا اهڙي ڪورٽ يا آفيس ۾ رڪارڊ تي ٻيو ڪو دستاويز.<br>(b)جڏهن اولهه پاڪستان لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 تحت ڪليڪٽر يا روينيو جي ٻئي عملدار ڏانهن اماڻي وڃي.<br>(c)جڏهن هڪ شڪايت يا ڪنهن ڏوهه جي چارج سواءِ اهڙي ڏوهه جي جنهن لاءِ پوليس عملدار ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 تحت وارنٽ يا ڪنهن ڪرمنل ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻ کانسواءِ گرفتار ڪري سگهن ٿا؛<br>يا جڏهن سول، ڪرمنل يا روينيو ڪورٽ ۾ پيش ڪيو وڃي، يا ڪليڪٽر يا ڪنهن روينيو آفيسر وٽ، جنهن کي ڪليڪٽر برابر يا ماتحت دائره اختيار هجي، يا ڪنهن ماجسٽريٽ وٽ ان جي | |

| | | |
|---|---|---|
| | ايگزيڪيوٽو گنجائش ۾، ۽ ڪنهن ٻي صورت ۾ نہ جيئن هن ايڪٽ ۾ بيان ڪيو ويو هجي. | |
| | يا ڪورٽ ۾ روينيو يا ڀاڙو جمع ڪرائڻ؛ | ٻہ رپيا |
| | يا عدالت طرفان زميندار طرفان هاري کي رعايت جي ادائگي لاءِ طئي ڪرڻ لاءِ؛ | |
| | يا جڏهن چيف ڪنٽرولنگ روينيو يا ايگزيڪيوٽو اٿارٽي کي پيش ڪئي وڃي، يا روينيو يا سرڪٽ جي ڪمشنر کي، يا ڪنهن چيف آفيسر کي جنهن کي ڊويزن جي ايگزيڪيوٽو جي چارج ڏني وئي هجي ۽ جيئن هن ايڪٽ ۾ بيان ڪيو ويو هجي. | |
| | (d)جڏهن ڪورٽ ۾ پيش ڪئي وڃي يا هاءِ ڪورٽ ڪانسواءِ اٿارٽي ۾، ڪيسن جي منتقلي لاءِ. | پنج رپيا |
| | (e) جڏهن هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ڪئي وڃي: | |
| | (i)ڪمپني ختم ڪرڻ لاءِ | ٻہ سئو رپيا |

| | | |
|---|---|---|
| | ڪمپني ايڪٽ، 1913 تحت؛<br>(ii)ڪنھن ٻئي عدالتي قدم کڻڻ لاءِ ڪمپنيز ايڪٽ، 1913 تحت؛<br>(iii)ڪيسن جي منتقلي لاءِ؛<br>(iv) سمورن ٻين ڪيسن ۾. | ڏھہ رپيا<br><br>پنج رپيا<br>پنج رپيا |
| 2. | ڪنھن سول ڪورٽ کي درخواست جيڪا ڪنھن ٻي ڪورٽ کان رڪارڊ طلب ڪري سگھي ٿي:<br>جڏھن ڪورٽ درخواست منظور ڪري ٿي ۽ ان خيال جي آھي تہ اھڙن رڪارڊز جي منتقلي ۾ عھدي جو استعمال ملوث ٿي سگھي ٿو. | ھن شيڊول جي جريان نمبر 1 تحت درخواست ۾ لڳايل ڪنھن في کان اضافي ٽي رپيا |
| 3. | ڏيوالو ھئڻ طور ضمانت تي ڏيڻ لاءِ درخواست | ٻہ رپيا |
| 4. | ڏيوالو ھئڻ طور اپيل ڏيڻ لاءِ درخواست | ٻہ رپيا |
| 5. | مختيارڪارس ڪورٽ ايڪٽ، 1906 تحت قبضو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنھن ڪيس ۾ شڪايت يا اپيل جو يادداشت نامو. | ٻہ رپيا |

| | | |
|---|---|---|
| 6. | حق يا قبضي قائم ڪرڻ يا رد ڪرڻ لاءِ ڪيس ۾ شڪايت يا اپيل جو يادداشت نامو. | ٻه رپيا |
| 7. | ڪورٽ يا ماجسٽريٽ طرفان ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر 1898 جي ڪنهن دفعه يا ڪوڊ آف سول پروسيجر، 1908 تحت ڪنهن حڪم جي سلسلي ۾ ڏنل ذميدواري جو بيل بانڊ يا ٻيو ڪو دستاويز ۽ جيڪو هن ايڪٽ ۾ نه ڄاڻايو ويو هجي. | هڪ رپيو |
| 8. | طلاق ايڪٽ، 1869 جي دفعه 49 تحت حلف | هڪ رپيو |
| 9. | مختيارنامو يا وڪالت نامو جڏهن ڪنهن ڪيس هلائڻ لاءِ پيش ڪيو وڃي:<br>(a)هاءِ ڪورٽ کانسواءِ ڪنهن سول يا ڪرمنل ڪورٽ ۾، يا ڪنهن روينيو ڪورٽ ۾، يا ڪنهن ڪليڪٽر يا ماجسٽريٽ وٽ، يا ٻئي ڪنهن ايگزيڪيوٽو آفيسر وٽ، سواءِ انهن جي جيڪي هن جريان نمبر جي شقن (b) ۽ (c) ۾ | ٻه رپيا |

| | | |
|---|---|---|
| | چاڙهايل آهن.<br>(b)روينيو سرڪٽ يا ڪسٽمس جي ڪمشنر کي، يا ڊويزن جي ايگزيڪيوٽو ايڊمنسٽريشن جي چارج ڏنل ڪنهن عملدار کي، جيڪو چيف روينيو ايگزيڪيوٽو اٿارٽي نہ هجي؛<br>(c)هاءِ ڪورٽ، بورڊ آف روينيو يا ٻي چيف ڪنٽرولنگ روينيو يا ايگزيڪيوٽو اٿارٽي کي. | ٻہ رپيا<br>ٽي رپيا |
| .10 | اپيل جو يادداشت نامو جڏهن اپيل ڊڪري طرفان نہ آهي يا ڊڪري جو اختيار رکندڙ حڪم طرفان نہ آهي ۽ پيش ڪئي وئي آهي:<br>(a)هاءِ ڪورٽ کانسواءِ ڪنهن سول ڪورٽ ۾، يا ڪنهن روينيو ڪورٽ يا ايگزيڪيوٽو آفيسر سواءِ هاءِ ڪورٽ جي يا چيف ڪنٽرولنگ روينيو يا ايگزيڪيوٽو اٿارٽي وٽ؛<br>(b)ڪسٽمس ايڪٽ، 1969 جي دفعہ 193 يا سينٽرل ايڪسائيز اينڊ سالٽ | ٽي رپيا<br>پنجويهہ رپيا |

| | | |
|---|---|---|
| | ايڪٽ،1944 جي دفعه 35 تحت سينٽرل بورڊ آف روينيو وٽ؛ | |
| | (c)هاءِ ڪورٽ يا ٻي چيف ڪنٽرولنگ ايگزيڪيوٽو يا روينيو اٿارٽي وٽ. | ڏهه رپيا |
| .11 | تنبيهه | ڏهه رپيا |
| .12 | شڪايت يا اپيل جو يادداشت نامو هيٺين مان هر هڪ لاءِ: | |
| | (i)سمري فيصلو تبديل ڪرڻ يا ٿاهڻ يا ڪنهن سول ڪورٽ جو حڪم تبديل ڪرڻ يا ٿاهڻ جيڪا هاءِ ڪورٽ نه هجي، يا ڪنهن روينيو ڪورٽ جو فيصلو تبديل ڪرڻ يا ٿاهڻ؛ | ڏهه رپيا |
| | (ii)اسٽيٽس پريندڙ روينيو جي پروپرائيٽرز جي نالن جي رجسٽر ۾ ڪنهن داخلا کي تبديل ڪرڻ يا رد ڪرڻ؛ | پندرنهن رپيا |
| | (iii)اعلاناتي ڊڪري حاصل ڪرڻ جتي ڪو نتيجو ناهي ملي سگهيو؛ | ٽيهه رپيا |
| | (iv)ڪنهن انعام کي نبيرڻ؛ | |
| | جڏهن جاٽايل ملڪيت جي رقم يا ملهه پنج سئو رپين کان | ڏهه رپيا |

| | | |
|---|---|---|
| | وڏيڪ نہ هجي. | |
| | (v)ڪنهن ايڊاپشن کي نبيرڻ؛ | پندرنهن رپيا |
| | (vi) ڪنهن الائينيشن کي نبيرڻ؛ | پندرنهن رپيا |
| | (vii)جڏهن تڪرار ۾ چاڙهايل معاملي جي ملهہ واري رقم جو ڪاٿو لڳائڻ ممڪن نہ آهي ۽ جنهن بابت هن ايڪٽ ۾ چاڙهايل نہ آهي. | پندرنهن رپيا |
| 13. | درخواست<br>(a)ايڊمنسٽريشن جي پروبيٽ يا ليٽرس لاءِ يا سڪسيشن ايڪٽ، 1925 تحت توثيق لاءِ؛<br>(b)سڪسيشن ايڪٽ، 1925 جي پارٽ X يا 1827 جي سنڌ ريگيوليشن VIII تحت سرٽيفڪيٽ لاءِ؛<br>جڏهن اسٽيٽ جي رقم يا ملهہ ٻہ هزار رپين کان وڏيڪ نہ هجي.<br>جڏهن اهو ٻہ هزار رپين کان وڏيڪ هجي پر پنج هزار رپين کان وڏيڪ نہ هجي.<br>جڏهن اهو پنج هزار رپين کان وڏيڪ هجي.<br>(c)ٽرسٽس ايڪٽ، 1882 جي | ڏهہ رپيا<br>ٻہ رپيا<br>پنج رپيا<br>ڏهہ رپيا |

| | | |
|---|---|---|
| | دفعات 34، 72، 73 يا 74 تحت صلاح يا مشوري لاءِ يا ٽرسٽ کان ڊسچارج لاءِ يا نون ٽرسٽيز جي مقرري لاءِ<br>(d)ڪمپني ايڪٽ، 1913 جي دفعه 166 تحت ڪمپني جي ختم ڪرڻ لاءِ<br>(e)لڳايل ملڪيت بابت دعويٰ جي سلسلي ۾ ڪوڊ آف سول پروسيجر، 1908 جي آرڊر XXI جي رول 58 تحت:<br>جڏهن ملڪيت جي رقم يا ملهه پنج سئو رپين کان وڌيڪ هجي. | ڏهه رپيا<br>ڏهه رپيا<br>ڏهه رپيا |
| .14 | آربيٽريشن ايڪٽ، 1940 جي باب III تحت درخواست | ويهه رپيا |
| .15 | لکت ۾ معاهدو جنهن ۾ ڪوڊ آف سول پروسيجر، 1908 تحت ڪورٽ جو مشورو معلوم ڪيو ويو هجي. | ويهه رپيا |
| .16 | طلاق ايڪٽ،1869 تحت هر پٽيشن، سواءِ ساڳئي ايڪٽ جي دفعه 44 تحت پٽيشنز جي ۽ ساڳئي ايڪٽ جي دفعه 55 تحت هر اپيل جو يادداشت نامو. | ٽيهه رپيا |

| | | |
|---|---|---|
| 17. | پارسي شادي ۽ طلاق ايڪٽ، 1936 تحت شڪايت ۽ اپيل جو يادداشت نامو. | ٽيهہ رپيا |
| 18. | اولهہ پاڪستان شهري پاڙو پابندي آرڊيننس، 1959 جي دفعات 4 ۽ 13 تحت مناسب پاڙو طئي ڪرڻ يا مسواڙي جي بي دخلي لاءِ:<br>(i)جڏهن ملڪيت سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 تحت ملڪيت ٽيڪس کان ڇوٽ ۾ شامل هجي.<br>(ii)جڏهن اهڙي ملڪيت تي شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس اوڳاڙي ويندي هجي. | <br><br><br><br>پنج رپيا<br><br><br><br><br>پندرنهن رپيا |
| 19. | اليڪشن پٽيشن جنهن ۾ ڪنهن شخص جي چونڊ بابت سوال اٿاريو ويجي:<br>(a)لوڪل بورڊ جي ميمبر طور سواءِ نوٽيفائيڊ يا ٽائون ايريا ڪميٽي جي؛<br>(b)نوٽيفائيڊ يا ٽائون ايريا ڪميٽي جي ميمبر طور. | <br><br><br>هڪ سئو رپيا<br><br><br>ڏهہ رپيا |

ٽيون شيڊول

(ڏسو دفعہ 6)

“شيڊول

(ڏسو دفعہ 3)

THIRD SCHEDULE

[See Section 6]

“SCHEDULE

[See Section 3)

| جريان نمبر | موٽر گاڏين جا تفصيل | ٽيڪس جو ساليانو ريٽ |
|---|---|---|
| 1 | 2 | 3 |
| 1. | سائيڪلس (بشمول موٽر اسڪوٽرز جي) ۽ سائيڪلز ساڳئي کي مڪينيڪل طريقي چڪڻ لاءِ لڳايل هجڻ سان گڏ جيڪا اڻ سٽيل وزن ۾ 8 cwts کان وڌيڪ نہ هجي:<br>(a)بائي سائيڪلز جيڪي اڻ سٽيل وزن ۾ 200 ibs کان وڌيڪ نہ هجن<br>(b)بائي سائيڪلز جيڪي اڻ سٽيل وزن ۾ 200 ibs کان وڌيڪ هجن<br>(c)بائي سائيڪل جيڪا ٽريلر يا سائيڊ ايئر واڌو طور چڪڻ لاءِ استعمال ٿئي.<br>(d)ٽراءِ سائيڪلز | رپيا<br>30<br><br>40<br><br>10<br><br><br>40 |
| 2. | گاڏيون جيڪي اڻ سٽيل وزن ۾ 5 cwts کان وڌيڪ نہ هجن، اڪيلي | 5 |

ٽيون شيڊول

[ڏسو دفعہ 6]

“شيڊول

[ڏسو دفعہ 3 ]

THIRD

SCHEDULE

[See Section 6]

SCHEDULE

[See Section 3]

| | | |
|---|---|---|
| | ماڻهو جي لاءِ استعمال ٿيندڙ هجن. | |
| 3. | گاڏيون جيڪي شين يا سامان کي ڍوئڻ يا ڪڍڻ لاءِ استعمال ٿينديون هجن (بشمول ٽراءِ سائيڪلس جي، جيڪي اڻ سٽيل وزن ۾ 8 cwt کان وڌيڪ هجن): | |
| | (a)بجليءَ ذريعي ڇڪيون ويندڙ گاڏيون جيڪي اڻ سٽيل وزن ۾ 25 cwt کان وڌيڪ نہ هجن. | 35 |
| | (b)سموريون گاڏيون جن جي وڏ ۾ وڏ سٽيل گنجائش 4,480 ibs هجي (بشمول ڊليوري وينس جي). | 240 |
| | (c)سمورين گاڏيون جن جي وڏ ۾ وڏ سٽيل گنجائش 4,480 ibs کان وڌيڪ هجي پر 8,960 ibs کان وڌيڪ نہ هجي. | 400 |
| | (d)سموريون گاڏيون جن جي وڏ ۾ وڏ سٽيل گنجائش 8,960 ibs کان وڌيڪ هجي پر 13,440 ibs کان وڌيڪ نہ هجي. | 600 |
| | (e) سموريون گاڏيون جن جي وڏ ۾ وڏ سٽيل گنجائش 13,440 ibs کان وڌيڪ هجي پر 17,920 ibs کان وڌيڪ نہ هجي. | 1200 |
| | (f)سموريون گاڏيون جن جي وڏ ۾ وڏ | 1800 |

| | | |
|---|---|---|
| | سٽيل گنجائش 17,920 ibs کان وڌيڪ هجي.<br>(g)ٽريلر لاءِ واڌو اوڳاڙي | <br>138 |
| 4. | ياڙي تي استعمال ٿيندڙ گاڏيون ۽ عام طور تي پيسينجرز جي ڪٽڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ (ٽيڪسيون ۽ بسون):<br>(a)ٽرام ڪارس<br>(b)ٽراءِ سائيڪلز جيڪي مڪينيڪل پاور ذريعي ڇڪيون وڃن (رڪشا ڪيبس جن ۾ سيٽن جي گنجائش 3 ماڻهن کان وڌيڪ نہ هجي).<br>(c)بيون گاڏيون جن ۾ سيٽن جي گنجائش 4 ماڻهن کان وڌيڪ هجي.<br>(d)بيون گاڏيون جن ۾ سيٽن جي گنجائش 4 ماڻهن کان وڌيڪ هجي پر 6 ماڻهن کان وڌيڪ نہ هجي.<br>(e)بيون گاڏيون جن ۾ سيٽن جي گنجائش 6 ماڻهن کان وڌيڪ هجي.<br>بشرطيڪ اهو تہ موٽر گاڏيون جيڪي ڪارپوريشن، ميونسپلٽي يا ڪنٽونمينٽ جي حدن ۾ ياڙي تي استعمال ٿينديون هونديون اهي 50 رپيا في سيٽ ساليانو جي ريٽ تي موٽر گاڏيون ٽيڪس ڀرينديون. | <br><br><br>15<br>250<br><br><br><br><br>330<br><br>415<br><br><br>104 في سيٽ |

| | | |
|---|---|---|
| | نوٽ: آرٽيڪل چار ۾ ڄاڻايل ماڻهن جي انگ ۾ ڊرائيور شامل نہ هوندو ۽ جيئن معاملو هجي، ڪلينر، ڪنڊڪٽر يا گاڏيءَ جو سنڀاليندڙ. | |
| | موٽر گاڏيون جيڪي هن شيڊول جي گنجائشن تحت ٽيڪس ڀرڻ لائق هجن: | 5. |
| 84 | (a)سيٽن جي گنجائش هڪ ماڻهو کان وڌيڪ نہ هجي. | |
| 168 | (b)سيٽن جي گنجائش 3 ماڻهن کان وڌيڪ نہ هجي. | |
| 240 | (c)سيٽن جي گنجائش 4 ماڻهن کان وڌيڪ نہ هجي. | |
| | (d)سيٽن جي گنجائش 4 ماڻهن کان وڌيڪ هجي هر واڌو ماڻهو جيڪو ويهي سگهي. نوٽ: نجي مقصد لاءِ استعمال ٿيندڙ اسٽيشن ويگنس کان آرٽيڪل 5 تحت ٽيڪس اوڳاڙي ويندي." | |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**